# ڪويءَ جي ڪٿا

سوز هالائي



37
B

https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

# ڪويءَ جي ڪٿا

(آتم ڪٿا)

سوز هالائي

ڪويتا پبليڪيشن
حيدرآباد ـ2008ع

https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

## ارپنا

جيجل ماءُ

۽ ان شهر جي ٿالي،

جنهن ڪملا، ٽانوورداس ۽ عرفان مهديءَ

کي ٻه جنم ڏنو.

ـ سوز هالائي

https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

## • فهرست


○ اداري پاران (موهن مدهوش) 7
○ پيش لفظ (مراد علي مرزا) 9
○ ڪوٽ جي ڪٿا_ابتدائي ڪلمات (سوز هالائي) 11

مان ۽ منهنجو پريوار 19
مان ۽ منهنجو گهر 24
مان ۽ منهنجو شهر 28
هنر ۽ هنرمند 61
جنب گذاريم جن سان 69
منهنجا همڪلاسي همعصر 81
مان درِ سفر تنها 90
مان ۽ منهنجو علمي ادبي سفر 102
منهنجي پريم ڪهاڻي 103
موسيقي ۽ شاعريءَ جو سفر 127
مان ۽ منهنجا همعصر همسفر 134
مان ۽ منهنجو ڊپارٽمينٽ 143
جيلر جي ڊائري 169
آواز نگر جا رنگ 187
تصوير گهر جا روپ 231
مان ۽ منهنجون پسنديده شخصيتون 246
مان ۽ منهنجا ادبي دوست 274
آخري لفظ 308


https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

## • اداري پاران

سنڌيءَ ۾ پهرين آتم ڪٿا لکڻ جو اعزاز سيٺ نائون مل کي حاصل آهي. انهيءَ کان پوءِ ڪيترن ئي اهم شخصيتن پنهنجي آتم ڪٿا لکي، پنهنجن مٽن مائٽن، يارن دوستن توڙي سماج سان وابسته مائٹن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو ته، آتم ڪٿا لکڻ واري کي پنهنجي ئي ڪهاڻي لکڻ لاءِ خود پنهنجو پاڻ تي ڪيترو جبر ڪرڻو پوندو آهي، جنهن مان خبر پوندي آهي ته هُن جي اندر جي دنيا جي ڏسڻ جو انداز ئي نرالو آهي.

سنڌ جي ناليري شاعر ۽ نثرنگار، سوز هالائي به آتم ڪٿا لکي آهي. سائين سوز هالائي، جنهن جي نالي ۾ ئي 'سوز' شامل آهي ته ان جي حياتيءَ جا واقعا ڪهڙا نه سوز پريا هوندا، پر هِن سوز ۾ ساز به شامل آهي.

'ڪويءَ جي ڪٿا' ۾ سوز صاحب پنهنجي دل جي دهليز تان ڪٿي ڏک پريون ته ڪٿي وري شڪ پريون ڳالهيون، نهايت من موهڻي انداز سان ڪيون آهن. پڙهندڙ ڪيس پڙهڻ کان پوءِ شايد سچائي به ونئي. جيڪڏهن هو اِها آتم ڪٿا دل سان پڙهندو ته اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته هو



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

ڪتاب پورو ڪرڻ کانسواءِ رهي نہ سگهندو. اهڙي آهي هن 'ڪويءَ جي ڪتا' ۾ ڪشش!

سوز هالائي پنهنجي هن ڪتا ۾ دوستن، همعصرن ۽ اديبن جي باري ۾ خُوب دل سان لکيو آهي. هن پنهنجي نوڪريءَ دوران يعني مختيارڪار، جيلر ۽ وڪالت جون ڳالهيون بہ نهايت سهڻي انداز سان ڪيون آهن.

هن آتم ڪٿا ۾ محترم سوز هالائيءَ جي پهرئين پيار يعني 'ڪملا' جو ذڪر نهايت خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن لاءِ سندس خيال آهي تہ جيڪڏهن هُوءَ ڪيس وري هڪ دفعو ملي وڃي تہ هُن جي عمر پيٺي ٿي پوندي هن سڄي آتم ڪٿا ۾ 'ڪملا' جو ذڪر ڪجهہ وزنائتو پاسجي ٿو.

سوز هالائيءَ جي سڃاڻپ هونئن تہ صرف شاعر جي حيثيت سان ٿيندي رهي آهي پر هن مجموعي پڙهڻ کان پوءِ خبر پوي ٿي تہ هو بين ڪمن جو بہ ڏانءُ رکي ٿو. انهيءَ ۾ هن جي دل جي سچائي ۽ اُن سان لڳاءَ جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

اميد آهي تہ هيءَ آتم ڪتا پڙهندڙن جي دل جي تارُن کي ضرور لوڏيندي، لُطف اندوز ڪندي ۽ لُيائيندي.

- موهن مدهوش

10 - آگسٽ، 2008ع
حيدرآباد، سنڌ.



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner



سوز هالائي پنهنجو ڪتاب "ڪارون وس ڪيام" مخدوم محمد امين فهيم جن کي
تحفي ۾ پيش ڪندي



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner



مخدوم طالب المولى، الطاف شيخ، عرفان مهدي، محمد هاشم سائل، رحيم بخش قمر، سوز هالائي، حميد شهيد، عبدالقيوم زخمي، عبدالخالق ناظم ابڙو، شوڪت ابڙو، عبدالرشيد ابڙو ۽ ٻيا هالا ۾ الطاف شيخ سان ملهايل هڪ شام ۾



سوز هالائي ڀٽ شاھ ۾ شيخ اياز جي تقريب ۾ شعر پڙهندي ۽ ويٺلن ۾ محمد ابراهيم جويو، مهتاب اڪبر راشدي، تاج جويو ۽ شمشير الحيدري نمايان نظر اچي رهيا آهن

https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner



شيخ اياز جي مزار تي سوز هالائي دوستن سان گڏ



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

# • پيش لفظ

فارسي زبان جي معروف ۽ محبوب شاعر ’حافظ‘ جو هڪ بيحد سهڻو ۽ اثرائتو شعر منهنجي ذهن تي ان وقت اڀري آيو جڏهن مون سنڌي ٻوليءَ جي سڀاجهي شاعر ۽ نثرنگار ۽ سنڌي ۽ هندي موسيقيءَ جي ڄاڻو سوز هالائيءَ جي سوانحي ڪتاب ’ڪويءَ جي ڪٿا‘ جو اهو باب پڙهيو جنهن ۾ هن پنهنجي ننڍپڻ واري، اسڪولي زندگيءَ ۾ اسڪول جي هيڊ ماستر جي ڌيءَ ’ڪملا‘ سان پيار ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي. پوءِ جڏهن ملڪ ۾ سياسي اُٿل پٿل آئي تڏهن ’ڪملا‘ پنهنجي پريوار سميت، سنڌ ملڪ مان هجرت ڪري هندوستان هلي وئي. سوز هالائيءَ جي، ان عشقيہ حادثي کي پنجاهہ سالن کان مٿي عرصو ٿي ويو آهي، پر هن پنهنجيءَ ان آتم ڪٿا ۾ اڄ بہ اها ئي خواهش ڏيکاري آهي، تہ جيڪر هڪ ڀيرو وري ’ڪملا‘ سان ملان، هن کي ويجهڙائيءَ کان ڏسان. هوءَ مون کي ڏسي ۽ منهنجي شاعري پڙهي! حافظ جو شعر هيءُ آهي تہ:



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

# • ڪويءَ جي ڪٿا

ريڊيو جو شئنچ آن ڪيو اٿم. محمد ابراهيم جو سريلو آواز هوائن ۾

اڏري ٿو:

ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي،
جوئي آهيان، سوئي آهيان.
(سچل سرمست)

مان سچل سائين جي ڪافيءَ جا ٻول نهايت ئي سنجيدگيءَ سان ٻڌي رهيو آهيان. اها ڪافي اڳ به ڪئين دفعا ٻڌي اٿم پر اهڙو لطف شايد ئي مليو هجي. (وقت وقت جي ڳالهه آهي ۽ هر لمحي کي پنهن جو حسن آهي) هوئن به شعر ٻڌڻ ۽ شعر رچڻ لاءِ ذهني خوشحاليءَ جو هئڻ بيحد ضروري آهي. مان ڪافيءَ جي ٻولن کي پنهنجي ذهن - ٽيپ رڪارڊر تي رڪارڊ ڪري ٿو ڇڏيان ۽ ور ور ڏيئي ڪافيءَ جو مکڙو جهونگاري رهيو آهيان.

ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي،
جوئي آهيان، سوئي آهيان.

ڇا ته عجب اسرار آهي ان سٽ ۾!! ڇا ته سچل چيو آهي، ڪنهن لاءِ چيو آهي ۽ ڪيس آخر ڪهڙي ضرورت پيش آئي هئي، ان جي اظهار ڪرڻ جي. اها سٽ جيڪا سمورن سماجي ۽ روحاني قدرن جي عڪاس آهي، سمورن رشتن ناتن جي ترجمان آهي، جنهن ۾ وحدت الوجود جو فلسفو سمايل آهي. سا صرف سچل جي نه، پر منهنجي من اندر جو آواز به آهي ۽ منهنجون سموريون سوچون ان محور تائين پهچي رڪجي وڃن آهن ۽ اهو



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

هڪ صديءَ پڄاڻا،
ڪوي تو پيدا ڪئو
اوا هالا پراڻا.

سوچيان پيو تہ پنهنجي آتم ڪٿا کي ڪٿان ۽ ڪيئن شروع ڪريان. لفظ ڪٿان آڻيان، جملا جوڙيان يا ڪنهن کان اڌارا وٺان؟ جيون جي بي ربط ڪڙين جي سلسلن کي ڪيئن ڳنڍيان؟ منهنجو تہ سمورو وجود "منتشر منتشر" ۽ مختلف حصن ۾ ورهايل رهيو آهي. ان کي يڪجاءِ ڪريان تہ ڪيئن ڪريان. فاصلا جيڪي الائجي تہ ڪيترو دور رهجي ويا آهن، تن کي واپس ڪيئن واريان. مون کي ڄاڻ آهي تہ هر گذريل لمحو ماضي سڏائيندو آهي. حال ۽ ماضيءَ ۾ صرف هڪ لمحي جو فرق آهي هر لمحو هر شيءِ جو سرچشمو آهي. خود ڪائنات بہ هڪ لمحي ۾ پيدا ٿي آهي. وڏا وڏا حادثا ۽ انقلاب بہ هڪ لمحي ۾ ٿيندا آهن. لمحو جتي ڪجھ نہ آهي تہ اُتي وري سڀ ڪجھ بہ آهي.

مان ڪمپيوٽر ناهيان جو هر شيءِ کي ياد رکان ۽ "ڪيلڪيوليٽر" وانگر حساب ڪتاب درست رکڻ منهنجي وس ۾ نہ آهي. منهنجا نيڻ ڪئميرا وانگر ڪونہ آهن. جو جيئن ڏسن تيئن فوڪس ڪري سگهن ۽ هر عڪس کي محفوظ رکي سگهن.

ڪو زمانو هو، جو حافظو ڏاڍو تيز هوندو هو. "رنگ رتا پيچرا" جو مسودو گم ٿي ويو تہ حافظي جي آڌار تي ٻيهر لکي ورتم. ڪوبہ لفظ ڪاٻہ سٽ ڪاٻہ مصرع هيٺ مٿي نہ ٿي هئي. مگر هاڻي اهڙين نہ آهي. حالتون ٻيون آهن ۽ لفظ واريءَ جي ذرن جيان وکري ٿا وڃن.

پڪ اٿم تہ سموريون سچيون ۽ سربستيون ڳالهيون لکي نہ سگهندس. اسان جو معاشرو سچ کي هضم ڪري نہ سگهندو آهي.

بهرحال! جيڪي بہ ڳالهيون ياد ايندڙيون رهنديون. سي لکبيون پر تن جو ڪوبہ تسلسل نہ هوندو جا بہ ڳالھ جتي مناسب لڳندي اتي ئي لکبي. موهن ڪلپنا جي جيون ڪٿا "بک عشق ادب" وانگر.

**ڪجھ هن ڪتاب بابت:**

هيءُ ڪتاب، منهنجو مجموعي پنجون ۽ نثري ٻيون ڪتاب آهي. پنهنجون جيون ڪٿائون اڪثر وڏا وڏا شاعر ۽ اديب لکندا آهن. مان ان لائق ناهيان پوءِ بہ هيءُ ڪتاب لکي ويٺو آهيان.



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner



قبله سائين مخدوم طالب المولي ۽ سوز هالائي "رنگ رتا پيچرا" جي مهورت ڪندي



سوز هالائي ۽ جناب مخدوم طالب المولي صاحب "رنگ رتا پيچرا" جي مهورت دوران اسٽيج تي

https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner



سوز هالائي، عرفان مهدي کي انٽرويو ڏيندي



استاد محمد جمن، سوز هالائي، سرور باريچو ۽ پروفيسر نياز احمد ميمڻ هالا ۾

https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner



سيد هالائي پاڻ [illegible]



سيد هالائي [illegible] محمد ابراهيم جوڻيجو [illegible] پاڪستان [illegible] حيدرآباد [illegible]
[illegible]



محمد [illegible] سيد هالائي [illegible] هالا [illegible]

https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner



[illegible]



[illegible]

https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner









https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner



بيدل مسرور، نصير مرزا، سوز هالائي ۽ گل حسن لاڪو پٽ شاهه ۾ شيخ اياز جي ورسي ۾ (؟) تي



(بيٺلن ۾) آغا سعيد، ادل سومرو، سوز هالائي، عرفان مهدي، نصير مرزا، نياز ميمڻ، خالد سرهيو
(ويٺلن ۾) آغا تيمور 'لالي' ۽ ٻيا ڪراچي ۾ ڪلفٽن جي سمنڊ ڪناري تي

https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner



سوز هالائي ۽ تنوير سوز_ شيخ اياز جي مزار تي



سوز هالائي ۽ نفيس احمد شيخ



تنوير سوز، ڪوثر هالائي، اميد علي لاکو ۽ سوز هالائي هالا پراڻا ۾ ڪرڪيٽ ايوارڊ جي تقريب
کانپوءِ مانيءَ جي ٽيبل تي

https://books.sindhsalamat.com/

Scanned with CamScanner



سوز هالائي ۽ نفيس احمد شيخ



سوز هالائي ۽ تنوير سوز- شيخ اياز جي مزار تي



تنوير سوز، ڪوثر هالائي، اميد علي لاکو ۽ سوز هالائي هالا پراڻا ۾ ڪرڪيٽ ايوارڊ جي تقريب
ڪانپوءِ مانيءَ جي ٽيبل تي

https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

ملڪن جي عوام لاءِ سرحدون ڪليون آهن. هند ۽ سنڌ جا اديب، شاعر ۽ عوام هڪ ٻئي سان ملي رهيا آهن. سو منهنجي به حسرت جاڳي آهي ته: ڪاش! آئون به "ڪملا جي" سان ملان ۽ هوءَ به پنهنجي جنم ڀومي ۽ پنهنجي "ڪلاس فيلو" کي ٻيهر ڏسي ۽ اهي ڪوتائون به پڙهي، جيڪي سندس متعلق لکيون ويون آهن. جيڪڏهن ائين ٿيو ته هڪ شاعر جون ڪاوشون سڦل ٿينديون.

هن ڪتاب ۾ جن به شخصيتن تي مضمون لکيل آهن، اهي گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ آهن. مون سندن فقط اهي ڳالهيون قلمبند ڪيون آهن، جن جو سڌي يا اڻ سڌي طرح منهنجي ذات سان تعلق آهي.

هن ڪتاب جي محرڪات جا حوالا ته گهڻا آهن، پر مکيه حوالو سائين محمد ابراهيم جويي وارو آهي، جنهن منهنجي غيرمعروفيت جو اظهار ڪري، هن ڪتاب جي لکڻ لاءِ جواز بنايو آهي.

**ٿورا نه ٿورا:**

هن ڪتاب لاءِ گهڻن جا ٿورا مٺا آهن. ڪجهه دوستن ته اصرار به ڪيو آهي تن ۾ محمد سومار وفا، ڊاڪٽر عطاء الله، ميان ثناءالله ۽ ٻيا شامل آهن. مان حبيب سنائي، مشتاق ڪيريو ۽ برڪت علي شيخ جو به بيحد ٿورائتو آهيان، جن منهنجي هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ۾ مدد ڪئي آهي.

هالا جي شاعر دوستن حميد شهيد، عبدالقيوم زخمي، مخمور بخاري ۽ منوج ڪمار جن به مفيد مشورن سان نوازيو آهي.

مان ارباب عزم جو به احسان مند آهيان جنهن هن ڪتاب جي تياري ۽ پروفن وغيره لاءِ سهڪار ڪيو آهي. بيحد پياري نصير مرزا جو ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب جي تياريءَ لاءِ غير معمولي تعاون ڪيو آهي.

مان پياري موهن مدهوش جو به ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب کي محبتن سان ڇاپيو آهي. مان مانواري فقير محمد ڍول ۽ وفا مولا بخش قمبرائيءَ جو احسانمند آهيان جن هن ڪتاب جي نظرثاني ۽ پروف ريڊنگ ڪئي.

مان انهن دوستن جو به ٿورائتو ٿيندس جيڪي هن ڪتاب تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندا.

**-سوز هالائي**

تاريخ: 21اپريل 2007
سوز هالائي اسٽريٽ، پٽي محلا،
هالا پراڻا، سنڌ. فون: 022_3331767
موبائل: 03083908246



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

اسان جو ڪٽنب غريباڻو ڪٽنب آهي، مالي طور قلاش ضرور آهي، پر علم و ادب راڳ وغيره جي حوالي سان ڏاڍو Rich آهي، نه فقط اسان جو گهر پر اسان جو پاڙو به سهڻن، ڳيچن ۽ ملتان پير جي غوثيه بيتن ڪان مشهور آهي، جنهن ته سمورو علم و ادب ثقافت، لوڪ ثقافت اسان جي گهر، خاندان ۽ پاڙي ۾ اچي ڪٺو ٿيو آهي ۽ ان حوالي سان منهنجو ڳوٺ، سنڌ جو پيو حيدرآباد آهي.

○

https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

خوريءَ جو رواج وڏي ويو آهي. سو علائقا هڪٻئي سان ڳنڍجي مصروف ٿي ويا آهن.

مان ڳوٺ جي سيني گهٽين ۽ ان جي رهواسين جو شجره نسب ته لکي نٿو سگهان، البته ڳوٺ جي مکيه هندن ۽ مکيه ماڻهن جو ويهين صديءَ جي حوالي سان تذڪرو ضرور ڪندس، جن کي مون ڏٺو وائٺو آهي ۽ متاثر ٿيو آهيان.

منهنجي خوبصورت شهر جي چوطرف ننڍيا ننڍيا شهر قصبن جي صورت ۾ آباد آهن. اهي قصبا ائين آهن، جيئن گلدستي ۾ رنگارنگي گل. يا انڊلٺ جا خوبصورت رنگ اچو ته اوهان کي اهڙا رنگ پسايان، جن جي دم سان هيءَ گلشن سجيو آهي.

## ڪتري نگر:

ماضيءَ جي جهروڪن مان ليئو پائي ٿو ڏسان، ته ڪتري پاڙي بابت ڪيترين ئي ساروڻين، ذهن اسڪرين تي اڀري آيون آهن. ان پاڙي جي خوبصورتين ۽ حسناڪين کي گذريل اڌ صديءَ (ان ڪان به وڌيڪ) اڳ جيئن مون ڏٺو وائٺو ان جا ڪجهه عڪس هي به آهن.

هالا پراڻا ۾ ناري شاهه جي باغ کان ٿورو ئي اڳيرو ڪتري پاڙو واقع آهي، جيڪو هن شهر جو خوبصورت حصو آهي. ان خوبصورت شهر جا ڪجهه منظر پيش آهن.

شام لٿي آهي، هير گهلي آهي، رستن تي ڇٽڪار ٿيل آهي، هوٽلن تي پيهه پيهان آهي. ماستر چندر، جيوٽي بائيءَ ۽ ڪنور ڀڳت جا فونن تي رڪارڊ وڄي رهيا آهن. نوجوان اشنان پاڻي ڪري، وار سنواري، پاڻ سجائي نڪتا آهن. ٽ ڳي روان دوان آهي. شهر ۾ گئس بتيون ۽ گولا برن ٿا ۽ چڱو خاصو ڇهچٽو آهي. ڪجهه دير بعد هاسو مل ساهتيه جي سراءِ ۾ منڊلي مچندي، ڀڳت ڀڳتيون ڪندا، الائي ته ڪهڙا ڪهڙا ڀڳت ايندا آهن. جيڪي پنهنجن سريلن، رسيلن آوازن ۽ داستان گوئيءَ سان ماڻهو مست ڪري هليا ويندا آهن. ڪي ڀڳت ته آواز سان گڏ ڇير به ڇمڪائيندا آهن. تن ڏينهن ۾ لائوڊ اسپيڪر ايترو عام نه هو. سو ڀڳتن کي به اوچن سُرن ۾ ڳائڻو پوندو هو. رات جي سانت ايڪانت ۾ به اهڙا آلاپ اتر طرف مياڻي ۽ ڪسيءَ واري ماڇين جي ڳوٺن ۽ ڏکڻ طرف خانوٽ تائين پکڙجي ويندا هئا. ڀڳت جاڙا رام، ڏاهو مل، ڪنور رام ڀڳت، ماستر چندر، مهراج مولچند



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

انهن شاعرن کان سواءِ محمد حبيب سنائي، عبدالله پٺو پٽيل پٺو ۽ تنوير حسين سوز سنا ادب شناس ۽ ادب نواز آهن. سلسلو هلندڙ آهي.

منهنجي هن ڳوٺ هالا پراڻا ۾ ادارن جو هڪڙو وڏو سلسلو هو جنهن ۾ سنڌي ادبي سنگت، لطيف ڪلب، وڪ وڊايو پبليڪيشن، وطن پبليڪشن، صدائي وطن پبليڪشن، سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن سگنڊ پبليڪشن ۽ گل پبليڪشن وغيره شامل آهن. پر افسوس جو هتي ڪو ڪتاب گهر نه آهي، پوءِ به ادب سرجي رهيو آهي. هي منهنجو پنجون ڪتاب آهي ۽ مون پنهنجا سيئي ڪتاب پنهجي آڌار تي ڇپرايا آهن.

منهنجي هن شهر جو ادب ۽ ادبي حوالن سان ڳوٺ تائين محدود ڪونهي، پر هالڪنڊيءَ جي حدن ۽ سرحدن کي به سر ڪري ٿو انهن دوستن جو تعارف به هن ڪتاب ۾ موجود آهي.

○



https://books.sindhsalamat.com/

Scanned with CamScanner

روشنيءَ سان منور ٿي رهيا آهن ۽ ادب جي مختلف ميدانن ۾ پاڻ موکي رهيا آهن.

مان جيون جون 69 بهارون/خزائون گذاري چڪو آهيان. سفر اڃا جاري ساري آهي. مون ادبي ميدان ۾ ڪي ڪونتل ڪوڙ ڪڍيا آهن نه وري ڪي ڦاڙها ماريا ۽ هرڻ ڏاريا آهن. جيڪي پلؤ پيو اٿم سو حال حبيبان پيش پريان آهي.

مون کي خوشي آهي جو مان شاعراڻي سرزمين تي پيدا ٿيو آهيان ۽ ان ڳوٺ جو رهواسي آهيان، جيڪو روايت شڪن آهي ۽ جتي هڪ صديءَ کان پوءِ ڪو اهڙو شاعر پيدا ٿيو آهي. جنهن جي شاعريءَ، موسيقيءَ جو لباس اوڍيو هجي ۽ ايتريون ساريون محبتون ماڻيون هجن.

منهنجو جيون سفر جيڪو ٻالڪپڻ کان پيرسنيءَ جي ڪينواس تائين پکڙيل آهي، اهو مون اڪيلي سر طئه ڪيو آهي. ان ۾ ڪنهن جو به ڪو Share ڪونهي. مان ته ان سفر جو تنها مسافر آهيان ۽ سدائين سفر در سفر رهيو آهيان.

○



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

لاهور جي مشاعري جي پروگرام ۾ شرڪت ڪري چڪو آهيان. وطن جي گيتن جي هڪ طويل سيريز منهنجي ڪريڊٽ تي آهي. مون کي خوشي آهي جو مان وطن پرست شاعر جي نالي سان به مشهور آهيان. نہ صرف اهو پر موسيقي شناس شاعر به منهنجو حوالو رهيو آهي.

پنهنجي شاعريءَ جا ٽي مجموعا رنگ 'رتا پيچرا'، 'درشن ڏارو ڏار' ۽ (من اندر جي موسم) سنڌي ٻولي کي ارپيا اٿم. مان اڄ به شاعري ڪريان پيو سو طرحي غزل، مشاعرن جا غزل، وطن جا گيت ۽ شاعرائي نوڪ جهونڪ وارا اشعار لکندو رهان ٿو.

منهنجي شاعريءَ جا عڪس اولڙا منهنجي هن نثري ڪتاب ۾ به جابجا موجود آهن. سفر اڃا جاري آهي

جيسين دم ۾ دم آ پيارا،
تيسين نينهن نڀائيندا سين.

○



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

# مان ۽ منهنجا همعصر همسفر

منهنجي شاعراڻي سفر جا همسفر اڪثر مشاعرن وارا شاعر آهن. هالا ۽ ان جي گرد نواح جي مشاعرن ۾ ڪهنه مشق شاعر به شريڪ ٿيندا رهيا ته نوان شاعر به پيدا ٿيندا رهيا. اهڙا مشاعرا يقيناً ادبي درسگاهه ۽ تربيت گاهه بنجي ويا. اهڙن شاعرن جي هڪ طويل فهرست آهي جنهن کي مختصر اجهو هن ريت ڪيو اٿم.

**محمد هاشم سائل لاکو:**

هالا تعلقي جي ڪهنه مشق، استاد شاعرن ۾ سائل لاکو پيش پيش رهيو آهي. هو خالص مشاعرن جي عوامي شاعر طور سڃاتو ويندو هو ۽ سنڌ جي دور دراز علائقن ۾ مشاعره اٽينڊ ڪري هالا جي نمائندگي ڪندو رهيو. موسيقي شناس به هو سو پنهنجي شاعراڻي محرڪات ۾ موسيقيءَ جو ترنم به شامل ڪندو رهيو. سندس چواڻي ته سندس هڪ سؤ ڪان وڌيڪ شاگرد آهن. مشاعرن سان سندس محبتن جو اهو عالم هو جو عليل هوندي به پاڻ ڪٽائي مشاعره گاهه ۾ پهچندو هو پر افسوس جو سندس زندگيءَ ۾ ڪوبه شعري مجموعو منظر عام تي نه اچي سگهيو. البت لاڏاڻي بعد سندس شعري مجموعو "سائل جون صدائون" ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

سائل صاحب منهنجي ذاتي دوستيءَ ۾ به شامل رهيو آهي سٺس پنجاهه سالن جي آشنائي ۾ پنجتيهن سالن جو ادبي ساٿ رهيو آهي. پاڻ تازو مرحوم ٿي ويو آهي، پر سندس يادون اڃا به مشاعرن ۾ موجود ۽ محفوظ آهن. سندس لاڏاڻي تي ائين محسوس ٿيو هوم جڻ:

وڃائي پنهنجو وارو نيٺ سائل موڪلائي ويو.
لڳي ٿو شاعريءَ جو هاڻ هت فقدان ٿي ويندو.



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

آهي. آئون جيڪڏهن حيدرآباد ۾ موجود هوندو آهيان، ته انوار صاحب جي ضرور حاضري ڀريندو آهيان. مون کي سندس اخلاق، سلجھائي ۽ پبلڪ ڊيلنگ پسند آهي ۽ مان سندس عقل و دانش، فهم و فراست کان بيحد متاثر آهيان. دل ته چوندي آهي ته ملاقاتين جو طويل سلسلو ختم نه ٿئي ۽ مان سندس خوشبو خوشبو ڳالهين جو واس وٺندو ئي رهان. بهرحال! جناب انوار صاحب هر دلعزيز آفيسر هئڻ سان گڏ آدرشي انسان به آهي. شاهه لطيف شايد اهڙن انسانن لاءِ چيو آهي ته:

ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه، اڃي بوءِ بهار جي.

○



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

استعمال ڪري اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي. مني خان سان وقت بوقت ڪچهريون بلڪ ڏگهيون ڪچهريون به ٿينديون رهيون.

هڪ ڏينهن نهايت نماڻائيءَ سان چيو هئائين: "جيلر صاحب هڪ عرض آهي، صبحاڻي منهنجي شنوائي سيشن ڪورٽ حيدرآباد ۾ آهي. مهرباني ڪري مون کي نه موڪلجو ۽ شنوائي جي تاريخ وٺي اچجو ڪورٽ ۾ منهنجو مخالف به ايندو ان کي ڏسي مٿان بي قابو نه ٿي وڃان."

مون سندس عرض جو غرض ڪندي ڪيس سيشن ڪورٽ موڪلڻ بدران اسپتال ۾ موڪلي ڇڏيو جتان هو "چيڪ اپ" بعد دوائون لڳائي آيو. دوائون آيون ته شنوائيءَ جي تاريخ به اچي وئي. ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دعائون ڏيئي چوڻ لڳو: "جيلر صاحب هتي منهنجو مائٽ به تون آهين. ته ڪانڌي به تون ٿيندين. جنين ڪاڻ مياس سي ڪانڌي به ڪونه ٿيا". مني خان کان اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ڇرڪي ويو هوس.

ٻئي ڏينهن صبح جو وري اسپتال وڃڻ جي خواهش ظاهر ڪيائين. سو ڪيس اسپتال موڪليم. ڊاڪٽر ڪيس نارمل چاڪائي دوائون لکي ڏنيون.

ٽيپهرن جو وقت هو مني مونکي گهرايو ۽ چوڻ لڳو: "هن ڊاڪٽر جون دوائون مون کي پاڻ نه ٿيون پون. ڊاڪٽر رفيق ابڙو ميڊيڪل آفيسر سعيد آباد) وارو گهرائي ڏيو اهو منهنجو دوست آهي ۽ مونکي سندس دوا پاڻ پوندي آهي".

مني خان جي راءِ رکندي ڊاڪٽر رفيق ابڙو کي فون ڪيم ته ڊاڪٽر به هالا اچي رهيو هو. ڪجهه لمحا مس گذريا هوندا جو آئون ڪيس ڊاڪٽر جي اچڻ بابت ٻڌائڻ ويو هوس، ته هو دروازي تي آهليو پيو هو ۽ تيدين ڪلن ڪيرائي ڪيس ٻاهر کٽ تي ليٽايو ويو. ان دوران ڊاڪٽر به اچي ويو جنهن معائني بعد ڏک واري انداز ۾ چيو ته "شيءِ وڃي ڏٺين کي پهتي". ڊاڪٽر چيو ته مني خان تي ٿيل Heart Attack ايترو ته شديد هو جو ڪيس سڌ ڪرڻ جي به همت نه ٿي هئي ۽ پوءِ مني خان جو جسد خاڪي پوسٽ مارٽم لاءِ سرڪاري اسپتال لاءِ موڪليم جتي هن جو موت طبعي قرار ڏنو ويو.

آئون سوچن جي ساگر ۾ گم ٿي ويس. انسان ڪيڏيون ۽ ڪهڙيون خواهشون رکي ٿو پر هن دنيا ۾ سندس Duration صرف هڪ لمحو آهي. شاهه لطيف جي هن بيت وانگر:

جر تي ڦوٽو جيئن، لهرن لڳي اڌ ٿئي،
تون پڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

## پڇاڙڪا ڪلمات

سب جيل هالا تي 21 سال لاڳيتو رهڻ، وڏو مشڪل ڪم هو پر مون سمجهيو هو ته مان ان ڪم لاءِ ٺي شايد موزون آهيان ۽ مون تي به جيلر جي ليبل لڳي ويئي. مون ان ۾ ڪو ڪمال ڪونه ڪيو هو صرف قيدين سان ڪلي به ٻول ٻوليا هئا. سندن صحت ۽ صفائيءَ جو خيال رکيو هو. مخير حضرات ڪان چندا ورتي. اختياري وارن ڪان رقم (بجيٽ) منظور ڪرائي پنکا ۽ پاڻيءَ جي ٽانڪين جو انتظام ڪري ڏنو هو ڪاڏي پيتي، روشني ۽ دوائن جو خاطرخواه انتظام ڪري ڏنو هو. ملاقاتين ۾ آساني پيدا ڪئي هئي، قيدين کي پيو چا ڪپندو هو.

مون 21 سالن جي عرصي ۾، نه ته ڪنهن قيديءَ جي تلاشي ورتي نه ته ڪنهن تي هٿ سڌو ڪيو. نه وري اول فول ڳالهين سبب قيدين کي آزاد ڪرڻ ۾ تاخير ڪئي. بس اها ئي حڪمت عملي هئي جو اڄ به شاعر سوز هالائي عوامي جيلر جي نالي طور مشهور آهي.

مان اڄ جي جيلر ۽ پوليس عملي کي اهو ئي پيغام ڏيندس ته محبت ڏيندا ته محبت جي موٽ محبتن سان ملندي.

(ان سان گڏ جيلر جي ڊائريءَ جا سمورا ورق اختتام پذير ٿيا).

○



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

ويندا هئا. فرضي ٽيليفونن ۾ فرضي نالن اناؤنسن ڪرڻ جو رواج اجا ڪونہ پيو هو.

مان ريڊيو باقاعدگيءَ سان ٻڌندو هوس، جن بہ پروگرامن، ڪردارن ۾ آوازن کان متاثر ٿيندو هوس، انهن جي فن بابت وضاحتي خط لکندو هوس تہ انهن کي اهميت سان نشر بہ ڪيو ويندو هو. جڻ فل ٽائيم ريڊيو لسنر هوس.

اسان جي ٻاريءَ ۾ مير محمد لنجار (اناؤنسر) منو خان ڏاهري متيارين وارو بہ شامل هئا. ٽيئي اردو ۾ طويل خط لکندا هئاسين ۾ اهي خط "جواباً عرض ہے" پروگرام لاءِ هوندا هئا. اهي خط حرف بحرف پڙهيا ويندا هئا. جڻ اهي خط دستاويزي ثبوت هئا ،جن جا جواب ڏيڻ ضروري سمجهيا ويندا هئا هر پروگرام ۾ پيامي (اقبال جعفري) ٻين خطن جا جواب ڏئي يا نہ ڏئي، پر اسان جي خطن جا جواب ضرور ڏيندو هو. ان ڪري اسان جو حوصلو بہ وڌي ويندو هو تہ تربيت بہ ٿيندي هئي.

ريڊيو حيدرآباد جيئن تہ ٻن ٻولين وارو ايوان هو سو سنڌي ۾ اردو ۾ اڪثر هڪجهڙا پروگرام پيش ٿيندا هئا جهڙوڪ: سنڌيءَ ۾ "اوهان جي فرمائش" اردو ۾ آپ کي فرمائش ڊرامہ سنڌي ڊرامہ اردو موسيقي سنڌي موسيقي اردو، اردو خبرين ۾ سنڌي خبرون. جواباً عرض ہے اردو اوهان جو خط پهتو سنڌي، ٻارڙن جي ٻاري سنڌي ۾ پھلواڑی اردو وغيره.

اهڙن پروگرامن کي ڪمپيئر ڪندي، اردو پروگرام محفل سماع (جيڪو ان وقت نشر ٿيندو هو) جي جاءِ تي ڪوبہ سنڌي پروگرام ڪونہ هو سو وڌي ويچار بعد اها تجويز ڏني هيم تہ محفل سماع جي مقابلي ۾ شاهہ لطيف جو راڳ پيش ڪريو، پروگرامن جي برابري کي قائم رکيو وڃي.

مونکي خوشي آهي بلڪ فخر آهي جو شاهہ لطيف جي راڳ کي ريڊيو تان نشر ڪرڻ واري منهنجي ڏنل تجويز کي، نہ فقط ريڊيو وارن مڃيو پر ان تي عمل درآمد بہ ڪيو. (ريڊيو وارن وٽ جيڪڏهن ان وقت جو رڪارڊ موجود آهي تہ ان جي مطالعي مان معلوم ٿي سگهي ٿو تہ "شاهہ جو راڳ" واري تجويز الهڏنو سوز هالائي ڏني هئي) ۽ اڄ شاهہ جو راڳ ريڊيو جو مستقل پروگرام آهي.

مون کي ريڊيو فنڪارن سان ملڻ ۾ ڪچهريون ڪرڻ جو ذوق شوق بہ رهيو آهي. ريڊيو جو شايد ئي ڪو موسيقيءَ جو فنڪار هجي جنهن سان ڪچهري يا ڪچهريون نہ ٿيون هجن يا شايد ئي ڪو ڊرامہ آرٽسٽ،



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

تي سگهيا آهن. منظور علي خان، محمد جمن، عابده پروين، محمد يوسف، محمد ابراهيم، پٺاڻي خان، فقير عبدالغفور، الڻ فقير، زرينه بلوچ وغيره ڪافيءَ جا مشهور گائڪ آهن ۽ هاڻي ته ڪافي بين الاقوامي موسيقيءَ جو درجو حاصل ڪري ورتو آهي، جنهن کي عابده پروين مقبول عام ڪري رهي آهي.

شاهه حسين لاهور وارو جنهن جي نالي سان هر سال جشنِ بهاران ميلو لڳندو آهي. سندس مزار جي خستہ حالي ۽ سندس حيثيت کي نظر انداز ڪرڻ وارين ڳالهيون اهو ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ته هو فقير منش ۽ پورهيت شاعر هو. عالمِ دين ڪونه هو ۽ نه وري ڪنهن بادشاهه / شهنشاهه جو منظورِ نظر هيو يا رهيو پر هُو سدائين "دين ڌرم دي سانون لوڙ نه ڪائي درشن يار دا لوڙان" جو مائل ۽ قائل رهيو. ان لاءِ اهو عمل بلاشڪ ته ڪيس مذهبي ڪٽرپڻي جو نشانو بنائڻ جهڙو آهي.

شاهه حسين جون ڪافيون جيڪي حامد علي بيلا ڳايون ۽ رڪارڊ ڪرايون سي ڪجهه هن ريت آهن:

- ني مائي مين ڪنو آکان درد وڇوڙي دا حال
- گهوم چرخڙا
- گل سچي راس نه آندي
- ميڏا دل رانجهن رانجهن منگي
- چرخا ميڏا رنگ رليان دا
- تو ڪس باغ دي موري حسينا

شاهه حسين پنهنجي ڪلام ۾ "ڪهي حسين فقير نماڻا، ڪهي حسين فقير سايان دا" تخلص طور استعمال ڪيو آهي، جيئن سانوڻ فقير، سڙيءَ جو سانوڻ، سورن جو سانوڻ چوي استعمال ڪيو آهي.

شاهه حسين جي ڪلام جو خصوصي ڳائڻو حامد علي بيلا پنهنجي شاعر جو وڏو عقيدت مند رهيو آهي. پاڻ به پنهنجي روحاني مرشد وانگي 'دڪان دي روٽي سوران دا سالن' تي گذران ڪري سادي سودي غربت واري زندگي گذاري باغبان پوره ڪان شمالي پهاڙين واري ريڊيو اسٽيشن تي پيادل وڃي، پنهنجي مرشد جا ڪلام ڳائيندو ۽ ريڪارڊ ڪرائيندو رهيو آهي ۽ سندس ڪلام کي اڇو اجرو ڪري نون نون انگن ۽ رنگن سان سجائي پيش ڪندو رهيو آهي.



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

ميڊيا جي مختلف چينلز جي مختلف فنڪارن جي ذاتيات، شجره نسب کان معاشقن تائين ۽ اسڪارٽنگ کان پذيرائيءَ تائين سموريون راز رموز جون وارتائون پياري ناز سهتي وانگر رفيق جي دل ۾ به دفن آهن.

رفيق حد درجي جو Talkative به آهي. سنڌيءَ اردو انگريزي زبانن تي به خاصو عبور حاصل اٿس. مان رفيق جي ذهانت جون ڳالهيون منهنجي ڳوٺائي دوست محمد پٽيل پنهوَ کان ٻڌندو هوس (جيڪو تن ڏينهن ڪراچيءَ ۾ رهندو هو) ته سدائين ساڻس ملڻ ڪلڻ جي چاهنا ٿيندي هئي. پر هن يار ڪڏهن هالائين کي ته ڇا هالا کي به لفٽ نه ڪرائي ۽ پوءِ جڏهن هالا ۾ ڊي ڊي او سوشل ويلفيئر ٿي آيو ته قدري ويجهڙائي نصيب ٿي ۽ ان لاءِ به پهل رفيق ئي ڪئي هئي. دوريءَ جو احساس ۽ حجابن جو پردو هٽيو ته ڳالهين جون ڳنڍڙيون ۽ قرب جا قالين کليا. کلندائي رهيا ۽ مون کي سدائين اهو محسوس ٿيندو رهيو ته آئون ڪنهن ذهين شخص سان ڳالهائي رهيو آهيان. مون هن جي ذهن ۾ فن جو ساگر ۽ دل ۾ ادب جو سنڌو درياءَ وهندي ڏٺو سو آئون به سنڌس شخصيت جو گرويده بنجي ويس.

پيارو رفيق ابڙيجو ڪراچي وارن لاءِ اڄ به آواز جو وڏو حوالو آهي. هن ڪراچيءَ ۾ لاتعداد Function Compare ڪيا آهن. منهنجي ڳوٺائي محمد ابراهيم چنا جي "سُرت" رسالي جي عاليشان پروگرامن کي به رفيق سدائين پنهنجي آواز جي سونهن سان سجايو آهي. رفيق جي آواز جا پڙاڏا اڄ به ڪراچيءَ جي هوائن ۽ فضائن ۾ گونجي رهيا آهن. پر اهي آواز ساموندي پٽيءَ تائين محدود آهن ۽ هو پنهنجي شهر ۾ هڪ آفيسر طور ئي سڃاتو وڃي ٿو. پوءِ به سنڌس ذهن ۾ فن جي ترقيءَ لاءِ ڪيتريون ئي تجويزون ۽ صلاحون موجود آهن سي Share ڪرڻ چاهي ٿو پر ڪنهن سان ڪري، هي شهر ته فن جي حوالي سان "جيئرن جي قبرستان" مثل آهي.

منا رفيق! توکي واڏايون هجن جو خاموش رهي به، تو بيٺل پاڻيءَ ۾ پٿر اڇليو آهي ۽ اهو احساس ڏياريو آهي ته فن سدائين زنده رهڻو آهي. مگر افسوس صد افسوس اهو فن جو پرچارڪ تاريخ 21مئي 2008ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

○



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

سندس روح ريجهيو تہ فقط موسيقيءَ سان ۽ موسيقي ئي سندس پناھہ گاھہ بڻجي ويئي ۽ پوءِ ڳائيندي ڳائيندي، ٽي وي پروڊيوسر بڻجي ويو ۽ بيدل بدوي مان ڦري بيدل مسرور ٿيو تہ بہ سندس مکيہ حوالو موسيقي ۽ موسيقي شناسيءَ وارو رهيو.

شيخ اياز جو هي شهر شڪارپور جيڪو سنڌ جي راڻي سڏبو هو اتي وڏيون وڏيون موسيقيءَ جون محفلون سجنديون هيون ۽ موسيقيءَ جا مقابلا ٿيندا هئا. انهن جو اهتمام يا تہ شڪارپور جا هندو جاتي وارا ڪندا هئا يا وري شڪارپوري آغا ڪندا هئا. سو سُرن جي سرهاڻ مسرور خاندان تائين بہ پهتي جن موسيقيءَ کي سدارنگي راڳ ويراڳ جو درجو ڏنو ۽ اڳتي بہ وڌايو.

بيدل جڏهن منهنجي ڳوٺ ۾ آيو هو تڏهن ڳڀرو نوجوان ۽ اڀرندڙ فنڪار هو ۽ پوءِ تيزيءَ سان ترقي ڪري هو اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين ۽ اسٽيجن تي شيخ اياز جي ڳائڪ طور معروف ٿيڻ لڳو ۽ شيخ اياز ۽ لاتعداد اسٽوڊنٽس جي پسند جو فنڪار بڻجي ويو ۽ ان لاءِ جديد ڳائڪيءَ جو لهجو بہ اختيار ڪيو. اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ شاگردن ۽ ٻارن جي پسند جو فنڪار ئي مشهور فنڪار ٿيندو آهي، سو بيدل بہ فنڪار بڻجي، ٽي وي جي سرحدن ۾ داخل ٿي ويو ۽ پروڊيوسر جهڙو منصب بہ ماڻيائين.

پيارو بيدل هن وقت پي ٽي وي جو هڪ مضبوط ٿالي حوالي وارو پروڊيوسر آهي، پي ٽي وي تي لاتعداد پروگرام ڪيا اٿس، اسلام آباد ۽ ڪوئيٽا بہ گهمي آيو آهي، پر پنهنجي هوم ٽي وي اسٽيشن ڪراچي کي پنهنجو جوپن ۽ جيون جو وڏو حصو ڏنو اٿس. ڪراچي پي ٽي وي تي سندس مشهور حوالو فقط پروڊيوسر وارو ئي نہ، پر موسيقار پروڊيوسر وارو بہ آهي. بيدل ڪيترو موسيقي نواز يا موسيقار آهي، ان لاءِ اهو ئي چوڻ ڪافي آهي، جو ڪيس راڳ رنگ جهڙو ڪلاسيڪل پروگرام بہ ڏنو ويو جنهن ۾ هن پنهنجي ڀرپور صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو. راڳ رنگ جي حوالي سان هڪ واقعو منهنجي بہ ذهن ۾ موجود آهي، اوهان بہ پڙهو ۽ بيدل کي داد ڏيو.

ڪلاسيڪل پروگرام راڳ رنگ ۾ بيدل، فتح علي خان گواليارِي جي ڪلاسيڪل پرفارمنس رڪارڊ ڪري رهيو هو فتح علي خان راڳ جي بلمپت کان درت تائين پهچي، آخري لمحن جي نزديڪ تر هو ان ماترائن جو تين تال چئوڻ ٻٽيھہ ماترائون ڪراس ڪري چڪو هو پر فتح علي "سم وٺڻ" تہ پيئي چاهيو مسلسل اڳتي وڌندو ئي رهيو. حالت جي نزاڪت ۽ وقت جي گنجائش کي نظر ۾ رکندي هن موسيقار پروڊيوسر محسوس ڪيو تہ



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

"ڪيترائي ويئل سندس موسيقي شناسيءَ جا قائل ٿي ويا. منهنجو ذاتي خيال آهي تہ موجوده سرڪاري، نيم سرڪاري ادارن جي مٿئين سطح تي جيڪي بہ آگرين تي ڳڻڻ جيترا موسيقي شناس حضرات موجود آهن تن ۾ ناز سهتو بہ شامل آهي.

فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ رح جي ڪافي ڇپن تي چڙهي آئي آهي ۽ مان ان کي جهونگاري هوائن حوالي ڪري رهيو آهيان.

ناز سڪيون آهين نوان،
مشتاقن جي مارڻ لاءِ،
ناز سڪيو آهين نوان.

○



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

اي بہ تمام سٽين مارڪن سان پاس ڪري ايل - ايل - بي ۾ داخلا ورتم. اهو عيسوي سال 1973ع وارو هو.

تن ڏينهين سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس امين منزل گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ هئي. گرامي صاحب مهراڻ جو ايڊيٽر ۽ شوڪت حسين شورو لائبريرين هو. محترم نفيس احمد ناشاد سان تازي ڏيٺ ويٺ ٿي هئي. تنهن گرامي صاحب سان منهنجو تعارف ڪرايو ۽ ڏاڍو سٺو تعارف ڪرايو تہ گرامي صاحب جن سان بہ نيازمندي جو سلسلو شروع ٿيو ۽ شوڪت حسين شوري سان بہ "هيلو هاءِ" ٿيندي رهي. جتي علي بابا، عبدالحق عالماڻي، مشتاق باگاڻي ۽ ٻيا ادب دوست ايندا ويندا هئا.

هڪ ڏينهن مولانا مهراڻ لاءِ شاعري گهري. عرض ڪيم: "سائين! مان مهراڻ ۾ لکڻ جي لائق ناهيان" وراڻيائين: "مهراڻ لاءِ لکندين تہ لائق بہ ٿيندين. مهراڻ ڪيترن ئي نالائقن کي لائق بنائي ڇڏيو آهي. زور ڀريائين تہ مون بہ پنهنجي ڊائري مان ڪجهہ ابيات اتاري سندن حوالي ڪيا ۽ پاڻ جيئن جو تيئن ان پرچي ۾ ڇاپي ڇڏيائون. بيحد خوشي ٿيم جو مهراڻ ۾ پهريون پيرو ڇپيو هوس. سو بہ گرامي صاحب جن جي پرزور اصرار تي. پوءِ اهي ابيات مشهور ڳائڪا عابده پروين بہ لڪائي ورتا ۽ موقعي مهل سان ڳائيندي رهي ٿي. بهرحال! تڏهن کان ئي مهراڻ لاءِ لکڻ جو سلسلو شروع ٿيو جيڪو اڄا تائين جاري ساري آهي.

مولانا گرامي صاحب ڪچهرين جو ڪوڏيو ۽ سخت ڳالهير مڙس تہ هوئي، پر رخ ڏسي مک ٻوليندڙ عالم ۽ دانشور بہ هو. عالمن ۽ دانشورن سان عالماڻيون ڪچهريون ڪندو هو تہ اسان جهڙن لاءِ وري اسان جي رنگ واريون رهاڻيون رچائيندو هو. مون کي تہ پهرئين رهاڻ ۾ ئي موهي وڌو هئائين. سو آئون بہ سندس علمي ادبي درسگاهہ جو پانڌيئڙو ٿي ويس.

مولانا گرامي صاحب ادب شناس، علم ۽ ادب جو سنڌو درياءُ هو. سندس فن شناسي ۽ دانشوري سنڌو جي سير جيئن وهندي هئي. هڪ ئي نشست ۾ الائي تہ ڪيتريون ڳالهيون ڪري ويندو هو. علم، ادب، راڳ، مذهب، ثقافت ۽ سياست جي موضوعن تي دسترس رکندڙ عالم فاضل ۽ دانشور بہ هو تہ سخنور، سخن شناس ۽ اعليٰ درجي جو مقرر بہ هو. سندس سخن شناسيءَ جو اهو عالم هو جو جڳ مشهور عالمن، شاعرن، عارفن، عشاقن، دانشورن، سياحن جهڙوڪ مولانا رومي، مولانا جامي، شيخ سعدي، حافظ شيرازي، ڪبير، ميران، شاهہ لطيف رحہ وغيره جي فن ۽ فڪر تي



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

گورنر پنجاب، مختلف ادارن جا سربراه، ڪنٽرولر پروگرامس جناب عنايت بلوچ بہ ان مشاعري ۾ حاضر هئا. مشاعري جو ميزبان حمايت علي شاعر هو. تنهن سڀني شاعرن کي پابند ڪيو تہ آواز جي حوالي سان ٿيندڙ هن مشاعري لاءِ آواز بابت هڪ شعر ڏنو وڃي، تہ جيئن شاعر کي ان شعر جي حوالي سان ٽي سڏيو وڃي، ڪيترائي شاعر اهڙو شعر ڏيئي نہ سگهيا، جن شاعرن پنهنجا اهڙا اشعار جمع ڪرايا تن ۾ منهنجو هي في البديهہ شعر بہ شامل هو:

**ہوائوں و فضائوں میں جو اک آواز گونجی تھی،**
**اسی آواز میں اک ساز تھا تاریخ سازی کا۔**

ان ڪل پاڪستان اردو مشاعري ۾ پاڪستان جي صف اول جي شاعرن جي وچ ۾ مون پنهنجو پهريون غزل "**نیلے پانی پہ کنول اچھا لگا، حسن کا رو عمل اچھا لگا**" پڙهيو هو. داد بہ مليو تہ آٽوگرافس بہ ورتا ويا. ان ويل مون کي پيارو نصير مرزا ياد آيو جنهن جي طفيل آئون لاهور وڃي هيڏي وڏي مشاعري ۾ شرڪت ڪري سگهيو هوس.

ٻئي ڏينهن ايوان اقبال ۾ اشفاق احمد خان جو ليڪچر هو. اشفاق صاحب سان منهنجي ريڊيو جي حوالي سان پراڻي شناسائي هئي، آئون اشفاق صاحب جو تلقين شاهہ ڪان وٺي ريڊيو ۽ ٽي وي جي انيڪ ڊرامن تائين فين رهيو هوس ۽ پهريون دفعو روبرو ڏسي ۽ ٻڌي رهيو هوس.

اشفاق جو ليڪچر ٻڌڻ، ڏسڻ ۽ ملڻ لاءِ ماڻهن جو سمونڊ اٿلي پيو هو. نوجوان، جوانڙيون، صحافي، دانشور، شاعر ۽ اديب. اشفاق صاحب کي دل جمعي سان ٻڌي رهيا هئا. هو جملن جوڙڻ جو جادوگر هو سو اسين اشفاق صاحب جي ليڪچر جي سحر ۾ گم ٿي وياسين.

ليڪچر ختم ٿيو تہ وري آٽوگرافس جو سلسلو شروع ٿيو نوجوان، جوان، جوانڙيون آٽوگرافس تي ڪڙڪي پيا. هو گهر جو پير چلهہ جو مارگ ڪونہ هو سو لاهور وارا بہ وڏي تعداد ۾ موجود هئا ۽ اسين بہ آٽوگرافس واري قطار ۾ بيٺا رهياسين. قطار خاصي طويل هئي، پر جاويد ڪٿان گهٽ هٽي وڃي اشفاق صاحب تائين پهتو ۽ پنهنجو آٽوگراف بوڪ ڏانهس وڌائي ڇڏيائين. جاويد جي آٽوگراف بوڪ تي اشفاق صاحب لکيو "بهٽائي کي نگر سي جو بهي ملني آئي گا، مين قبر سي بهي اٿه کر ان سي ملون گا."

" مون پنهنجو ڪتاب "درشن ڏاروڏار" ڪيس تحفي طور ڏيئي، ٻئي ڪتاب تي رات واري مشاعري ۾ پڙهيل ابتدائي ڪلمات "**بھٹائی کے نگر سے چلا لاهور**



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

مون اڳي اهڙو نہ ڪو منظر ڏٺو
ميڪدہ ۾ ميڪشن روئي ڏنو

مون پنهنجي ڪلام ۾ گرہ هيئن لڳائي:

ميڪدہ آهن ڪٿي جو دوستو
ميڪدہ ۾ ميڪشن روئي ڏنو.

مشاعري جي اختتام تي الطاف سان هٿ ملايوسين تہ نصير ڪي ڏسي الطاف بيحد خوش ٿيو ۽ مون کي چيائين: "ڳالھ سچي رڳو تو ڪٿي ضياء دور ۾ ميڪدہ آهن ئي ڪٿي؟" ۽ پوءِ الطاف هالا جي شاعر طور سوز هالائيءَ کي بہ سڃاڻڻ لڳو هو.

الطاف سڄي دنيا گهميو آهي. ڪيس ملائيشيا سڀ کان وڌيڪ وڻندو آهي ڪيس ملائيشيا ۾ سنڌ نظر ايندي آهي. سو اتي لاڳيتو ڪيترو ئي عرصو رهيو آهي. الطاف جي لکڻين ۾ ملائيشيا جون ڳالهيون پڙهندو آهيان. تہ مون کي ملائيشيا جو اهو سانورو قاري اڪثر ياد ايندو آهي. جنهن پنجٽيهہ سال اڳ حيدرآباد جي بين الاقوامي حسن قرات جي مقابلي ۾ حصو ورتو هو ۽ پنهنجي خوش الحان قرات سان ميدان ملهائي ويو هو. تازو اخبار ۾ الطاف جي تصوير ۾ نيم سفيد ريش ڏسي چرڪ نڪري ويم ۽ ان وقت بہ اهو ملائي قاري ياد آيو جيڪو الطاف جهڙو سانورو ۽ نيم سفيد ريش لڳو هو.

الطاف سنڌي ٻوليءَ جو اهو رائيٽر آهي. جيڪو پنهنجي پڙهندڙن، خط لکندڙن ۽ ياد ڪندڙن کي ياد ڪندو آهي. نہ تہ گهڻا ئي صاحب تہ موٽ ڏيڻ کي فضول عمل سمجهندا آهن.

مون پنهنجو ڪتاب "ڪارون وس ڪيام" کيس موڪليو تہ هن آدرشي انسان موٽ ۾ پنهنجي خوبصورت ليٽر پيڊ تي شاهڪار ڪلمات لکي، پنهنجي وزيٽنگ ڪارڊ، اسٽيڪر، تصويرن جي البم سميت موڪلي ڏنا ۽ سچ تہ ڪلمات پڙهي منهن جو بہ قد وڌي ويو.

چون ٿا تہ روشني ستن رنگن مان ٺهندي آهي. مان ان ۾ اضافو ڪريان تہ اٺون رنگ بہ آهي. جيڪو سانورو سانورو الطاف جو رنگ آهي جنهن کي اڪثر شاعرن ڳايو آهي "سانول ميڏي موڙ مهاران". سر زمين هالا جي ان روشن ستاري جي جوت جهڪي ٿيڻي ئي ناهي ۽ سدائين اها روشني روشن ئي رهڻي آهي. الطاف، شاھ لطيف جو اهو وڻجارو آهي. جنهن سڄي



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

اڄ بہ تنھنجي راڄ ۾
رھن ٿا راڻا
اوا ھالا پراڻا.

❋

ڪڏھن تنھنجي ڳڪ مان
مور نہ اڏاڻا
اوھالا پراڻا.

❋

تو تان پنھنجا گھوريان
ابا ڏاڏاڻا
او ھالا پراڻا.



https://books.sindhsalamat.com/ Scanned with CamScanner

